SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر Xمجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1979

سنڌ آرڊيننس غير منقولہ جائيداد ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان ايڪٽ X مجريہ 1958 X ۾ دفعہ A- 7 جو اضافو.

I insertion of section 7_A in west Pakistan Act X of 1958

3. مغربي پاڪستان ايڪٽ X مجريہ 1958 ۾ دفعہ A_7 جو اضافو

Amendment of section 9 of west Pakistan Act x of 1958

سنڌ آرڊيننس نمبر Xمجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1979

سنڌ آرڊيننس غير منقولہ جائيداد ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[24اپريل1979]

تمهيد (Preamble)

هڪ آرڊيننس جنهن سان سنڌ شهري غيرت منقولہ جائيداد ٽيڪس، ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ شهري غير منقولہ جائيداد، ٽيڪس، ايڪٽ ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو:

ان ڪري 5 جولائي 1977 جي حڪم براءِ (قانون لاڳو ٿيڻ جي تسلسل) جي حڪم 1977 جي تعميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هي آرڊيننس ناهي نافذ ڪرڻ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري غير منقولہ جائيداد ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ڪيو ويندو.

مغربي پاڪستان ايڪٽ X مجريہ 1958 ۾ دفعہ 7 -A

2. سنڌ شهري غير منقولہ جائيداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 7_A جي لاءِ متبادل ناهيو ويندو.

جواضافو
insertion of section 7_A in west Pakistan Act X of 1958

(I) جائيداد جي مالي تخميني واريون فهرستون، جيڪي صنعتي جائيداد نہ هجن، ۽ جيڪي 30 جون 1978 تائين هجن، اهي نافذ العمل رهنديون. ۽ ان تي ڊل لاڳو ڪئي ويندي، جيستائين دفعہ 7 جي تحت يا 31 ڊسمبر 1979 تائين نيون فهرستون نٿيون ناهيون وڃن.

(II) ڄاڻايل ايڪٽ جو دفعہ 9 کي هن دفعہ جي ذيلي (1) جي طور تي نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ هيٺين ذيلي دفعہ (2) کي شامل ڪيو ويندو.

مغربي پاڪستان ايڪٽ X مجريہ 1958 ۾ دفعہ 7_A جواضافو
Amendment of section 9 of west Pakistan Act x of 1958

”(2) ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڪيل ڪا بہ تبديلي ان ڏينهن کان نافذ العمل هوندي جنهن تاريخ کان اها تبديلي آندي وئي آهي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.